3

# پُٽ هجي ته اهڙو




شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علامه مولانا ابو بلال

محمد الياس عطار قادري رضوي

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الۡمُرۡسَلِیۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

# پُٽ هجي ته اهڙو!

## درود شريف جي فضيلت

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جيڪو مون تي هڪ ڏينهن ۾ 50 ڀيرا درود پاڪ پڙهندو قيامت جي ڏينهن مان ان سان مصافحو ڪندس.

(ابن بشڪوال ص 90، حديث 90)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّى اللهُ تعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

# ڏنھين راتين ۾ ھڪئي خواب

حضرت ابراھيم عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ذوالحج جي
انين جي رات ھڪ خواب ڏٺو جنھن ۾ ڪو چوڻ
وارو چئي رھيو آھي: بيشڪ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ توکي
پنھنجو پٽ ذبح ڪرڻ جو حڪم ڏئي ٿو. پاڻ
صبح کان شام تائين ھن جي باري ۾ غور
فرمائيندا رھيا تہ ھي خواب اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي طرفان
آھي يا شيطان جي طرفان؟ ان جي ڪري اٺ
ذوالحج جو نالو يَوۡمُ التَّرۡوِيَه (يعني سوچ ويچار جو
ڏينھن) رکيو ويو. نائين جي رات وري اھوئي
خواب ڏٺائون ۽ صبح يقين ڪري ورتائون تہ ھي
حڪم اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي طرفان آھي. ان جي ڪري 9

ذوالحج کي يَوۡمِ عَرَفَه (يعني سجاڳ وارو ڏينهن) چيو ويندو آهي. ڏهين جي رات وري اهوئي خواب ڏسڻ کان بعد پاڻ عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام صبح جو هن خواب تي عمل ڪرڻ يعني پٽ جي قرباني جو پڪو ارادو ڪري ورتو جنهن جي سبب 10 ذوالحج کي يَوۡمُ النَّحۡر (يعني ذبح جو ڏينهن) چيو ويندو آهي.

(تفسير ڪبير ج 9، ص 346)

## ”پُٽَ جي قرباني“ ڪرڻ کان روڪڻ جون شيطان جون ناڪام ڪوشِشون

الله عَزَّوَجَلَّ جي حڪم تي عمل ڪندي پُٽَ جي قرباني جي لاءِ حضرت اِبراهيم عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جڏهن پنهنجي پياري پُٽَ حضرت اسماعيل عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ

وَالسَّلَام کي جنهن جي عمر ان وقت 7 سال (يا 13 سال يا هن کان ٿورڙي وڌيڪ) هئي پاڻ سان گڏ وٺي هليا. شيطان سندن جي سڃاڻڻ واري هڪ شخص جي صورت ۾ ظاهر ٿيو ۽ پڇڻ لڳو: اي اِبراهيم! ڪيڏانهن جو اِرادو آهي؟

پاڻ جواب ڏنائون هڪ ڪم سان وڃي رهيو آهيان. هن وري پڇيو: ڇا توهان اسماعيل کي ذبح ڪرڻ جي لاءِ وٺي وڃي رهيا آهيو؟ حضرت اِبراهيم عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جن فرمايو ڇا تون ڪنهن پيءُ کي ڏٺو آهي جيڪو پنهنجي پُٽَ کي ذبح ڪري؟ شيطان چيو: جي ها، توهان کي ڏسي رهيو آهيان ته توهان هن ئي ڪم جي لاءِ هليا

آهيو! توهان سمجهو ٿا تہ الله عَزَّوَجَلَّ توهان کي هن ڳالهہ جو حڪم ڪيو آهي.

حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ الصَّلٰوۃُوَالسَّلَام ارشاد فرمايو: جڪڏهن الله عَزَّوَجَلَّ مونکي هن ڳالهہ جو حڪم ڏنو آهي تہ پوءِ مان ان جي فرمانبرداري ڪندس. هتان کان مايوس ٿي ڪري شيطان حضرت اسماعيل عَلَيۡهِ الصَّلٰوۃُوَالسَّلَام جي ماءُ حضرت بي بي هاجره رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهَا وٽ آيو ۽ انهن کان پڇا ڪيائين: اِبراهيم توهان جي پُٽَ کي ڪيڏانهن وٺي ويا آهن؟

حضرت بي بي هاجره رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهَا جواب ڏنو: اهي پنهنجي هڪ ڪم سان ويا آهن. شيطان چيو: اهي هن کي ذبح ڪرڻ جي لاءِ وٺي ويا آهن.

حضرت بي بي هاجره رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا فرمايو: ڇا تون ڪنهن پيءُ کي ڏٺو آهي جيڪو پنهنجي پُٽَ کي ذبح ڪري؟ شيطان چيو هو سمجهن ٿا ته الله عَزَّوَجَلَّ انهن کي هن ڳالهه جو حڪم ڏنو آهي.

اهو ٻڌي حضرت بي بي هاجره رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا ارشاد فرمايو ”جيڪڏهن ائين آهي ته انهن الله عَزَّوَجَلَّ جي اِطاعت (يعني فرمانبرداري) ڪري ڏاڍو سٺو ڪيو“. هن ڪان پوءِ شيطان حضرت اسماعيل عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام وٽ آيو ۽ انهن کي اهڙي طرح ورغلائڻ جي ڪوشش ڪئي پر انهن به اهو ئي جواب ڏنو ته جيڪڏهن منهنجا بابا جان الله عَزَّوَجَلَّ جي حڪم خاطر مونکي ذبح ڪرڻ جي لاءِ وني وڃي رهيا آهن ته ڏاڍو سٺو ڪري رهيا آهن.

(مستدرڪ ج3، ص 426، رقم 4094 ملخصاً)

# شيطان کي پٿريون هنيائون

جڏهن شيطان پيءُ پُٽَ کي ورغلائڻ ۾ ناڪام ٿيو ۽ ”جَمرَي“ جي پرسان آيو تہ حضرت اِبراهيم عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام هن کي ست پٿريون هنيون پٿريون هڻڻ تي شيطان سندن جي رستي کان هٽي ويو. هتان ناڪام ٿي ڪري شيطان ”ٻئي جَمري“ تي ويو، فرشتي ٻيهر حضرت اِبراهيم عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جن کي چيو: ”هن کي ماريو.“

پاڻ هن کي ست پٿريون هنيون تہ هن رستو ڇڏي ڏنو. هاڻي شيطان ”ٽين جَمَري“ وٽ پهتو، حضرت اِبراهيم عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام فرشتي جي چوڻ تي هڪ ڀيرو وري ست پٿريون هنيون تہ شيطان رستو ڇڏي ڏنو.

(تفسير طَبَري ج10، ص 509-516، ٻن روايتن جو خلاصو)

شيطان کي ٺنھي جڳھن تي پٿريون ھڻڻ جي ياد باقي رکي وئي آھي ۽ اڄ بہ حاجي سڳورا ھن ٺنھي جڳھن تي پٿريون ھڻندا آھن.

## پُٽ قُرباني ءَ جي لاءِ تيار

حضرت اِبراھيم عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جڏھن حضرت اسماعيل عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جن کي وٺي ڪوھ ثَبِير وٽ پھتا تہ انھن کي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي حڪم جي خبر ڏني، جنھن جو ذڪر قرآن شريف ۾ ھنن لفظن ۾ آھي.

يٰبُنَيَّ اِنِّيۡۤ اَرٰى فِي الۡمَنَامِ اَنِّيۡۤ اَذۡبَحُكَ فَانۡظُرۡ مَاذَا تَرٰى ؕ

**ترجمو ڪنز الايمان:** اي منھنجا پُٽَ مان خواب ڏٺو تہ مان توکي ذبح ٿو ڪريان ھاڻي تون ٻُڌاءِ تہ تنھنجي ڪھڙي راءِ آھي.

فرمانبردار پُٽُ اھو ٻڌي جواب ڏنو:

يٰٓاَبَتِ افۡعَلۡ مَا تُؤۡمَرُ ۫ سَتَجِدُنِیۡۤ اِنۡ شَآءَ اللّٰهُ مِنَ الصّٰبِرِيۡنَ ﴿۱۰۲﴾

(سيپارو 23، سورہ الصّٰٓفّٰت آيت 102)

**ترجمو ڪنز الايمان:** اي منھنجا پيءُ ڪر جنھن ڳالھ جو توکي حڪم ٿئي ٿو، ان شاءَ اللّٰه عنقريب تون مون کي صبر وارو لھندين.

يہ فيضانِ نظر تھا ياکہ مکتب کی کرامت تھی
سکھائے کس نے اسمٰعيل کو آدابِ فرزندی

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## مونکي رسين سان مضبوط ٻڌي ڇڏيو

حضرت اسماعيل عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام پنھنجي والد صاحب کي وڏيڪ عرض ڪيو: بابا جان! ذبح ڪرڻ

ڪان ڦھريان مونکي رسين سان مضبوط ٻڌي ڇڏيو تہ جيئن مان حرڪت نہ ڪري سگھان ڇو تہ مونکي ڊپ آھي تہ منھنجي ثواب ۾ گھٽتائي نہ اچي وڃي ۽ منھنجي رت جي ڇنڊن کان پنھنجن ڪپڙن کي بچائجو تہ جئين انھن کي ڏسي ڪري منھنجي امڙ غمگين نہ ٿي وڃي.

ڇري چڱي طرح تيز ڪري وٺو تہ جيئن منھنجو ڳلو فوراً چڱي طرح ڪٽجي وڃي ڇو تہ موت ڏاڍو سخت ھوندو آھي، توھان مونکي ذبح ڪرڻ وقت منھنجي پيشاني زمين جي طرف ڪجو تہ جئين توھان جي نظر منھنجي ڇھري تي نہ پوي ۽ جڏھن توھان منھنجي امڙ ڏي وڃو تہ منھنجا سلام پھچائجو ۽ جيڪڏھن توھان مناسب سمجھو

ته منهنجي قميص انهن کي ڏئي ڇڏجو، هن سان انهن کي تسلي ٿيندي ۽ صبر اچي ويندو. حضرت ابراهيم عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ارشاد فرمايو: اي منهنجا پُٽَ! توهان الله تعاليٰ جي حڪم تي عمل ڪرڻ ۾ منهنجا ڪيڏا نه عمده مددگار ثابت ٿي رهيا آهيو! پوءِ جهڙي طرح حضرت اسماعيل عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام فرمايو هو انهن کي اهڙي طرح ٻڌي پنهنجي ڇُري تيز ڪئي، حضرت اسماعيل عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کي پيشاني پر ليٽايو، انهن جي چهري تان نظر هٽائي ۽ انهن جي ڳلي تي ڇُري وهائي ڇڏي پر ڇُري پنهنجو ڪم نه ڪيو يعني ڳلو نه ڪٽيو. انهيءَ وقت حضرت اِبراهيم عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام تي وَحي نازِل ٿي. ترجموڪنزالايمان: ۽ اسان ان کي سڏڻ فرمايو

ته اي ابراهيم بيشڪ تو خواب سچو ڪري ڏيکاريو اسان ائين انعام ڏيندا آهيون چڱن ڪي. بيشڪ اهو روشن امتحان هو. ۽ اسان هڪ وڏو ذبيحو ان جي فديي ۾ ڏئي ان کي بچائي ورتو.

(تفسير خازن ج4، ص 22 ملخّصاً)

# جنّت جو دنبو

حضرت اِبراهيم عَلَيۡهِ‌الصَّلٰوۃُ‌وَالسَّلَام جڏهن حضرت اسماعيل عَلَيۡهِ‌الصَّلٰوۃُ‌وَالسَّلَام کي ذبح ڪرڻ جي لاءِ زمين تي ليٽايو ته اللّٰه تعالٰي جي حڪم سان حضرت جبرائيل عَلَيۡهِ السَّلَام بطور فديه جنّت مان هڪ دنبو کڻي آيا ۽ پري کان تيز آواز ۾ فرمايائون اَللّٰهُ اَكۡبَرُ اَللّٰهُ اَكۡبَرُ جڏهن حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام هي آواز ٻڌو ته پنهنجو مٿو آسمان جي طرف ڪنيائون ۽ سمجهي

ويا تہ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي طرف کان اچڻ واري آزمائش جو وقت گذري چڪو آھي ۽ پُٽَ جي جڳھ تي فديي ۾ دنبو موڪليو ويو آھي لھٰذا خوش ٿي فرمايائون: لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ وَاللهُ اَكْبَرُ جڏھن حضرت اسماعيل عَلَيْهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام ھي ٻڌو تہ فرمايائون اَللهُ اَكْبَرُ وَلِلّٰهِ الْحَمْدُ، ھن کان بعد انھن ٽنھي پاڪ ھستين جي انھن مبارڪ لفظن جي ادائگي جي ھي سنّت قِيامت تائين جاري و ساري ٿي وئي.

(بنايہ شرح ھدايہ ج3، ص387)

## جنّتي دنبي جي گوشت جو ڇا ٿيو؟

حضرت اِبراھيم عَلَيْهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام حضرت اسماعيل عَلَيْهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جي فديي ۾ جيڪو دنبو ذبح فرمايو

هو ان جي باري ۾ اڪثر مفسرين ڪرام جو چوڻ آهي ته اهو دنبو جنّت کان آيو هو ۽ هي اهوئي دنبو هو جنهن کي حضرت آدم عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي پُٽَ حضرت هابيل رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه قرباني جي لاءِ پيش ڪيو هو. (تفسير خازن ج4، ص 24 مُلخّصاً) هن دنبي جو گوشت پچايو نه ويو بلڪ ان کي جانورن ۽ پکين کائي ڇڏيو. (تفسير جمل ج6، ص 349 مُلخصاً)

## جنّتي دنبي جا سگ

حضرت سُفيان بن عُيَينه رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمائن ٿا: هن دنبي جا سگ وڏي عرصي تائين ڪعبه شريف ۾ پيل رهيا ايستائين جو ڪعبه شريف ۾ جڏهن باهه لڳي ته اهي سگ به سڙي ويا.

(مُسند اِمام احمد بن حنبل ج5، ص 589، حديث 16637)

## ڪعبي شريف ۾ باھ ڪڏھن ۽ ڪيئن لڳي؟

ڪعبي شريف ۾ باھ لڳڻ ۽ ان ۾ سڱ سڙي وڃڻ جي متعلق ”سوانح ڪربلا“ ۾ ڏنل مضمون جي روشني ۾ عرض آھي: نواسءِ رسول، امام عالي مقام حضرت امام حسين رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي شھادت جي تقريباً ٻن سالن ڪان پوءِ يزيد پليد، مُسلم بن عقبہ کي ٻارنھن ھزار يا ويھ ھزار سپاھين جي فوج ڏئي ڪري مدينة المنوره تي حملو ڪرڻ جي لاءِ موڪليو.

ظالم يزيدين مديني شريف ۾ بي انتھا خون ريزي ڪئي، ست ھزار صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان سميت ڏھ ھزار کان وڌيڪ ماڻھن کي شھيد ڪيو، مديني وارن جي گھرن کي ڦريو ويو، انتھائي

شرمناڪ حرڪتون ڪيون، ايستائين جو مسجدِ نَبوي شريف جي ٿنڀن (Pillars) سان گهوڙا ٻڌا. پوءِ هي فوج مڪي شريف پهتي، مِنجنِيق (جيڪو پٿر اڇلڻ جو هڪ اوزار هوندو هو ان) جي ذريعي پٿر اڇلايا ويا، هن سان حَرَم شريف جو صحن مبارڪ پٿرن سان ڀرجي ويو، مسجد الحرام جا ٿنڀا (Pillars) شهيد ٿي ويا ۽ ڪعبة الله جي غلاف شريف ۽ ڇت مبارڪ کي هنن ظالمن باهه ڏئي ڇڏي، ڪعبة الله شريف جي ڇت تي حضرت اسماعيل عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي فديي ۾ قربان ٿيڻ واري (جنّتي) دنبي جا جيڪي مبارڪ سڱ تَبَرُّڪ جي طور تي محفوظ هيا اهي ب‍ه هن باهه ۾ سڙي ويا. جنهن ڏينهن 15 ربيع الاول سن 64 ه‍ تي

ڪعبہ شريف جي بي حرمتي ٿي هئي انهي ڏينهن ملڪِ شام جي شهر ”حِمص“ ۾ 39 سالن جي عمر ۾ يزيد پليد مري ويو. هن بدنصيب جنهن اقتدار جي نشي ۾ بدمست ٿي ڪري امام عالي مقام حضرت امام حسين رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُ ۽ خاندانِ رسالت جي مهڪندڙ گلن کي زمينِ ڪربلا تي مٿي ۽ رت ۾ تڙپايو، مڪي مديني وارن تي ظلم ۽ ڏاڍ ڪيو، ان تختِ حڪومت تي هن کي صرف 3 سال 7 مهينا ”شيطنت“ ڪرڻ جو موقعو مليو. (سوانح ڪربلا ص 178 ملخصاً) هن جي موت تي ڪيتري قدر عبرت آهي!. الموت.. الموت.. الموت

نہ یزید کی وہ جفا رہی، نہ شِمَر کا ظلم و ستم رہا
جو رہا تو نام حُسین کا، جسے یاد رکھتی ہے کربلا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

# چا هر ڪوئي خواب ڏسي پنهنجو پُٽ ذبح ڪري سگهي ٿو؟

ياد رهي! ڪو بہ شخص خواب يا غيبي آواز ٻڌي ڪري پنهنجي يا ٻئي ڪنهن جي ٻار يا ڪنهن انسان کي ذبح نٿو ڪري سگهي، ڪندو تہ سخت گنهگار ۽ جهنّم جي عذاب جو حقدار ٿيندو. حضرت اِبراهيم عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جنهن خواب جي ذريعي پنهنجي پُٽَ کي قربان ڪرڻ جي لاءِ تيار ٿي ويا اهو حق آهي ڇو تہ پاڻ نبي هئا ۽ نبي جو خواب وَحیِ الٰهي هوندو آهي. انهن هستين جو امتحان هو، حضرت جبرائيل عَلَيْهِ السَّلَام جنّتي

دنبو ڪٺي آيا ۽ الله تعاليٰ جي حڪم سان حضرت اِبراهيم عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام پنهنجي پياري پُٽَ جي جڳهه تي ان جنّتي دنبي کي ذبح ڪيو. حضرت اِبراهيم ۽ حضرت اسماعيل عَلَيۡهِمَا السَّلَام جي هن بي مثال قرباني جي ياد قيامت تائين قائم رهندي ۽ مسلمان هرسال عيدالاضحيٰ ۾ مخصوص جانورن جون قربانيون پيش ڪندا رهندا. (قرباني جي باري ۾ معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ مڪتبة المدينہ جي رسالي ”ابلق گهوڙي سوار“ جو مطالعو ڪيو)

## اسماعيل جي معنيٰ

حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام تمام وڏي عمر تائين بي اولاد هئا، 99 سالن جي عمر ۾ پاڻ عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کي حضرت اسماعيل عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام عطا

ڪيا ويا. (تفسير قرطبي ج5 ص 265) حضرت اِبراهيم عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام پُٽَ جي لاءِ دعائون گهري چوندا هئا اِسۡمَعۡ يَا اِيۡل. اِسۡمَعۡ جي معني آهي "ٻڌ" ۽ "اِيۡل" عِبراني زبان ۾ خدا عَزَّوَجَلَّ جو نالو، اهڙي طرح "اِسۡمَعۡ يَا اِيۡل" جي معنيٰ ٿي: "اي خدا عَزَّوَجَلَّ! منهنجي ٻڌ". جڏهن پاڻ عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام پيدا ٿيا ته اُن دعا جي يادگار ۾ پاڻ جو نالو "اسماعيل" رکيو ويو.

(تفسير نعيمي ج1، ص 688 ماخوذا)

## ابو الانبياء جي ڏهن اڪرن جي نسبت سان حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جن جا 10 مخصوص فضائل

❁ رسول پاڪ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ڪان پوءِ حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام سڀ ڪان افضل آهن.

- حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ئي سندن ڪان آيل سيني نبين جا والد آهن.
- هر آسماني دين ۾ سندن جي ئي پيروي ۽ اطاعت آهي.
- هر دين وارا سندن جن جي تعظيم ڪندا آهن.
- قرباني سندن جي ئي ياد آهي.
- حج جا ارڪان بہ سندن جي ياد ئي آهن.
- سندن ئي ڪعبي شريف جي پهريان تعمير ڪرڻ وارا يعني ان ڪي گهر جي صورت ۾ ٺاهڻ وارا آهن.
- جنهن پٿر (مقام ابراهيم) تي بيهي ڪري پاڻ عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ڪعبو شريف ٺاهيو اتي قيام ۽ سجدا ٿيڻ لڳا.

❁ قيامت ۾ سڀ کان پهريان سندن کي ئي عمده لباس عطا ڪيو ويندو ان کان فوراً بعد اسان جي پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي.

❁ مسلمانن جي فوت ٿي ويل ٻارن جي پالڻ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ۽ سندن بيبي صاحبہ حضرت ساره رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهَا عالم برزخ ۾ پرورش ڪن ٿيون.

(تفسير نعيمي، ج 1، ص 682)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## شينهن قدم چٽڻ لڳا

حضرت ابراهيم عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جن تي ٻہ ٻکايل شينهن ڇڏيا ويا (اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جو شان تہ ڏسو) اهي

بکايل هئڻ جي باوجود پاڻ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جن کي چٽڻ ۾ سجدا ڪرڻ لڳا. (الزهد للامام احمد بن حنبل، ص 114)

## واريءَ جي ٻورين مان ڳاڙهي ڪڻڪ نڪتي!

حضرت ابراهيم عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جن کي اناج نہ مليو، پاڻ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ڳاڙهي واريءَ جي پرسان گذريا تہ پاڻ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جن ان سان ٻوريون ڀريون جڏهن گهر تشريف کڻي آيا تہ گهر وارن پڇيو تہ هي ڇا آهي؟ فرمايائون: ”هي ڳاڙهي ڪڻڪ آهي.“ جڏهن انهن کي کوليو ويو تہ واقعي ڳاڙهي ڪڻڪ هئي. جڏهن هي ڪڻڪ پوکي وئي تہ ان ۾ پاڙ کان مٿي تائين ڪڻڪ جون ٻاريون لڳيون. (مصنف ابن ابي شيبہ ج7 ص 228)

هي حضرت اِبراهيم عَلَيۡهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جو معجزو آهي.

## حضرت اِبراهيم عَلَيۡهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جن کان کيترن ئي ڪمن جي شروعات ٿي

حضرت اِبراهيم عَلَيۡهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جن کان ڪيترن ئي ڪمن جي شروعات ٿي. انهن مان 8 هي آهن. (1) سڀ کان پهريان پاڻ عَلَيۡهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جا وار اڇا ٿيا (2) سڀ کان پهريان پاڻ عَلَيۡهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام (اڇن وارن) ۾ مهندي ۽ ڪتم (يعني نيل جي وڻ جي پنن) جو خضاب لڳايو. (3) سڀ کان پهريان پاڻ عَلَيۡهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام ئي سِبيَل پاجومو پاتو. (4) سڀ کان پهريان پاڻ عَلَيۡهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام ئي ممبر تي خطبو پڙهيو. (5) سڀ کان پهريان پاڻ عَلَيۡهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام راهِ خدا ۾ جهاد ڪيو. (6) سڀ کان پهريان پاڻ عَلَيۡهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام مهمان

نوازي جي رسم شروع ڪئي. (7) سپ ڪان پھريان پاڻ عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ئي ملاقات جي دوران ماڻھن سان ڳلي مليا. (8) سپ ڪان پھريان پاڻ عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ئي ثريد تيار ڪيو (شوربي ۾ پڇايل ماني کي ثريد چوندا آھن)

(مِرقاة ج8، ص 264 ملخصاً)

## ٽافيون ۽ ڪٽيون مٺيون گوريون

اڪثرمَدني مُنّا ٽافيون، گوريون، چاڪليٽ، گولا ڳنڍا ۽ ٻيون ڪيتريون ئي رنگ برنگيون مٺيون شيون کائڻ جا شوقين ھوندا آھن پر ھنن شين جي غير معياري ھوندي ۽ کائڻ ۾ بي احتياطي جي سبب انھن جي ڏندن، ڳلي، سيني، معدي ۽ آندن وغيره کي نقصان پھچڻ جو خطرو

هوندو آهي. تنهنڪري مسلمانن کي نفعو پهچائڻ جي نيّت سان ٿافين وغيره جي باري ۾ مختلف ويب سائٽس تان حاصل ڪيل طِبّي تحقيقات ڪٿي ڪٿي لفظن وغيره جي تبديلي سان ګڏ پيش خدمت آهن.

## ڏندن جو ڪرڻ

اينمل (Enamel) نالي هڪ مضبوط چمڪدار ته ڏندن تي هوندو آهي جيڪو ان جي حفاظت ڪندو آهي، صحت کي نقصان پهچائيندڙ شيون کائڻ سان وات ۾ بيڪٽيريا (يعني جراثيم) پيدا ٿيندا آهن جيڪي هن ته کي نقصان پهچائيندا آهن جنهن جي سبب ڏند ڪِرڻ شروع ٿيندا آهن.

## وات ۾ ڇالا ۽ ڳلي ۾ سوڄ جو هڪ سبب

ٽافيون وغيره کائڻ کان پوءِ ٻار اڪثر ڪري ڏند صاف نہ ڪندا آهن جنهن جي ڪري مناڻ ڏندن ۾ ڄمي ويندو آهي ۽ جراثيم پلڻ شروع ٿي ويندا آهن جيڪي ڏندن ۾ ڪِيڙا لڳڻ، وات ۾ ڇالا ۽ ڳلي ۾ تڪليف جو سبب بڻجندا آهن.

## ناقِص ڪٽين مٺين گورين جون تباهہ ڪاريون

پاڪستان جي گھٽين محلن ۾ ڪپڻ واريون اڪثر ٽافيون ۽ ڪٽيون مٺيون گوريون ناقص ۽ خراب هونديون آهن جيئن تہ هڪ اخباري رپورٽ جي مطابق مِني (يعني ننڍي) فيڪٽري ۾ ناقص خام مال مان تيار ٿيل گوريون ٽافيون ٻارن جي

صحت تي خطرناڪ اثر ڪري رهيون آهن. گهرن ۾ قائم ٽيل هنن فيڪٽرين ۾ گورين ۽ ٽافين جي تياري لاءِ گلوڪوز، سڪرين ۽ ٽيئن درجي جي (يعني Substandard / Third class) شيون استعمال ڪيون وينديون آهن. تيار ٽيل گوريون ٽافيون ٻوٽن ۾ ڀ سپلائي ڪيون وينديون آهن، اهو ئي سبب آهي جو ٻوٽن جي ٻارن ۾ ڏندن جون بيماريون خطرناڪ حد تائين وڌي رهيون آهن.

(روزنامه دنيا ڪان ماخوذ)

## ڪيڪ، بسڪٽ، آئس ڪريم وغيره سان مٺي پيشاب جو مرض....

بسڪٽ، آئس ڪريم ۽ انرجي ڊرنڪس

۾ مٺاڻ جي لاءِ استعمال ٿيڻ وارا ڪيميڪل سڄي دنيا ۾ ذِيابيطس (Diabetes) جو باعث بڻجي رهيا آهن. آڪسفورڊ يونيورسٽي (برطانيہ) ۾ ڪيل تحقيق جي مطابق غذائي شيون(Food Products) ٺاهڻ واريون ڪمپنيون پنهنجي شين (Products) کي مٺو ڪرڻ لاءِ اهڙا ڪيميڪل استعمال ڪنديون آهن جيڪو ذِيابِيطس (يعني مٺي پيشاب واري بيماري) جو سبب بڻجندا آهن. تحقيق جي مطابق 42 ملڪن ۾ ٺهڻ وارن بسڪٽ، ڪيڪ ۽ جوس جو ڪيميائي تجزيو ڪيو ويو، ڪيميائي مادي ”هاءِ فرڪٽوز سيرپ“ (يعني ڪنڊ جي هڪ قسم) سان ذيابيطس (يعني مٺي پيشاب) جو مرض پيدا ٿيڻ جو خطرو وڌي ويندو آهي. تحقيق جي

مطابق جنهن ملڪن ۾ بيڪري جون شيون گهڻيون استعمال ڪيون وينديون آهن اُتان جي ماڻهن ۾ مرض جي شرح 8 فيصد وڌيڪ هئي! بيڪري جي شين جو استعمال ڪرڻ وارن ملڪن ۾ آمريڪا سر فهرست آهي جتي هر شخص سالانہ اوسطًا (Average) 55 پاؤنڊ منيون شيون استعمال ڪندو آهي جڏهن تہ برطانيہ ۾ هن جو استعمال سڀ کان گهٽ آهي جتي هڪ شخص اوسطًا هڪ پاؤنڊ بيڪري جون شيون سالانہ استعمال ڪندو آهي. (دنيا نيوز آن لائن)

## 17 قسمن جي بيمارين جو خطرو

چاڪليٽ ۾ پين جزن کان علاوه ڪيفين (Caffeine) شامل هوندي آهي، مِلڪ چاڪليٽ جي

مقابلي ۾ ڪاري چاڪليٽ ۾ 4 ڀيرا وڌيڪ ڪيفين هوندي آهي! ڪيفين وقتي طور تي سُور ۽ ٿڪاوٽ وغيره ضرور ختم ڪندي آهي پر هن جو وڌيڪ استعمال ڪرڻ نقصان ڪار آهي. ڪيفين جي عادي ماڻهو ۾ هي بيماريون پيدا ٿي سگهن ٿيون: ٿڪاوٽ، چڙ چڙا پن، بار بار پيشاب اچڻ، پيشاب ۾ فُضلي جي ذريعي ڪيلشم زياده خارج ٿي وڃڻ، هاضمي جون خرابيون، وڏي آندي ۾ سوڄ، بواسير جي شدت، دل جي ڌڙڪڻ ۾ اضافو، هاءِ بلڊپريشر، دل جو سڙڻ، معدي جو السر، ننڊ جي انداز ۽ وقت ۾ تبديليون اچڻ (يعني ڪڏهن ننڊ گهٽي اچڻ، ڪڏهن گهٽ اچڻ، بي وقت ننڊ اچڻ، سمهڻ مهل ننڊ نه اچڻ، معمولي آوازتي اک کلي وڃڻ وغيره) سڄي يا اڌ مٿي جو سُور،

گهبراهٽ، مايوسي (ڊپريشن، Disappointment) جِگر (Liver) ۽ گردن جي بيماري وغيره. چاڪليٽ کان علاوه ڪولا ڊرنڪس، چانهه، ڪافي، ڪوڪو ۽ سور ختم ڪرڻ وارين گورين ۾ به ڪيفين شامل هوندي آهي. (طب جي ڪتاب ”قاتل غذائون“ کان ماخوذ)

## تہ پوءِ مَدَني مُنّن کي ڇا کارايون؟

صحت جي لاءِ خطرو بڻجڻ وارين ڪٽين منين گورين ۽ ٽافين وغيره جي جڳهه تي مدني مُنّن ۽ مَدَني مُنّين کي انهن جي عمر جي مطابق مناسب مقدار ۾ يا ڊاڪٽر جي مشوري جي مطابق فروٽ ۽ خشڪ ميوا (ڊرائي فروٽ) کارايو ۽ توهان پاڻ به الله عَزَّوَجَلَّ جي ڏنل نعمتن مان فائدو حاصل ڪيو. ڪجهه خشڪ ميون جا فائدا پيش

خدمت آهن.

## بادام (Almond)

(1) تمام بادام ڪوليسٽرول کان پاڪ هوندا آهن (2) ڪڙو بادام يا ايراني بادام ”ڪينسر“ کي روڪڻ جي خصوصيت رکندو آهي. (3) خشڪ زردالون جا بادام کائڻ سان زخم پرجي ويندو آهي. (4) بادام ۾ ”ڪيلشيم“ هوندو آهي جيڪو هڏين جي لاءِ ضروري هوندو آهي (5) بادام کائڻ سان تيزابيت ختم ٿي ويندي آهي ۽ دل جي بيمارين جو خطرو گهٽ ٿيندو آهي (6) بادام ڪينسر ۽ مُوتيا بند (اکين جي بيماريءَ جو هڪ قسم) جو خطرو گهٽ ڪندو آهي (7) بادام LDL ڪوليسٽرول

جي سطح گهٽ ڪندو آهي (8) بادام پيٽ صاف ڪندو ۽ قبض ختم ڪندو آهي (9) بادام ڪائڻ سان ٿولهه جو خطرو به گهٽ ٿيندو آهي (10) بادام وارن ۽ کل (Skin) جي لاءِ مُفيد آهي ۽ رنگ ۾ خوبصورتي پيدا ڪندو آهي (11) بادام جي تيل جي پابندي سان مالش کل جي خشڪي، ڏاڙهي، گهنجن ۽ موهيڙن کي روڪيندي آهي. (12) بادام وار ڪِرڻ جي مرض جي لاءِ مفيد آهي (13) بادام بَفا (يعني انسان جي مٿي تي ٿيڻ واري خشڪي جا سفيد چلر) ختم ڪندي ۽ وار اڇا ٿيڻ کان روڪيندي آهي. (14) بادام اکين جي روشني جي لاءِ فائديمند آهي. (15) روزانو رات جو 7 داڻا بادام ۽ 21 داڻا ڪشمش پاڻي ۾ پُسائي رکو ۽ هي ٻئي

شيون صبح جو کير سان چڱيءَ طرح چٻاڙي کائو، اِنْ شَآءَاللّٰهعَزَّوَجَلَّ مٿي جو سور ختم ٿيندو ۽ قوت حافظ جي لاءِ ھي نسخو فائديمند آھي (16) اِنجير ۽ بادام ملائي کائڻ سان پيٽ جون اڪثر بيماريون ختم ٿي وينديون آھن.

زیادہ گر دماغی ہے تیرا کام
تو کھایا کر ملا کر شہد بادام

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## پِستا (Pistachio)

پستا دل ۽ دماغ کي طاقت ڏيندا آھن. بدن کي ٿلھو ڪندا ۽ ڳڙدن جي ڪمزوري ختم ڪندا آھن،

ذهن ۽ حافظو مضبوط ڪندا آهن. ڪنگهہ جي علاج جي لاءِ پِستا فائديمند آهن. (ڪتاب المفردات ص 156)

## ڪاجا (Cashew)

ڪاجا جسم کي غذائيت ۽ دماغ کي طاقت ڏيندا آهن. جسم کي ٿلهو ڪندا آهن. نيراني ماڪيءَ سان ڪاجا کائڻ سان ويسر جي بيماري ختم ٿيندي آهي. هڪ ڪوڙهي (اڇي داغن جو مريض) صرف وافر مقدار ۾ ڪاجا کائڻ سان صحتمند ٿي ويو. (ايضاً ص 336)

## نيزا (Pine Nuts)

نيزو (سُڪل ميوي جو هڪ قسم) بلغم ختم ڪندو ۽ بدن کي ٿلهو ڪندو آهي. بک کي

وڌائيندو آهي. دل ۽ پُٺن کي طاقت ڏيندو آهي.
چليل نيزن جو حلوو ناهي تورڙي ماکي ملائي چٽڻ بلغمي کنگهه جي لاءِ فائديمند آهي.
(ايضاً ص 211)

## مگيرا (Peanut)

مگيرن جي ٻجن ۾ تمام گهڻي غذائيت هوندي آهي. مگيرا پنهنجي فائدن ۾ ڪاڄن ۽ اخروٽن وغيره کان گهٽ ناهن. مگيرن جو تيل زيتون جي تيل جو عمده نعم البدل آهي. (ايضاً ص 476)

## مِصري (Rock Sugar)

مِصري اکين جي روشنيءَ لاءِ فائديمند آهي.
گرم پاڻيءَ سان بطور شربت استعمال ڪرڻ سان

آواز کي صاف ڪندي آھي. اک ۾ وجھڻ سان چارو ختم ڪندي آھي. (ايضاً ص 461)

جو بات کہو منہ سے وہ اچھی ہو بھلی ہو کھٹی نہ ہو کڑوی نہ ہو مصری کی ڈلی ہو

(مراٰۃ المناجيح ج 6)

## ناريل ڪوپرو (Coconut)

مِصري سان روزانو نيراني ھڪ تولو ڪوپرو کائڻ اکين جي لاءِ فائديمند آھي. پيٽ کي نرم ڪندو ۽ بک وڌائيندو آھي. ڪوپري جو تيل مٿي ۾ وجھڻ سان وار وڌندا آھن ۽ دماغ جي لاءِ فائديمند آھي.

## چوھارا (Dried Dates)

چوھارو صاف رت پيدا ڪندو، بک ۾ اضافو ڪندو ۽ بدن کي ٿلھو ڪندو آھي. چيلھ ۽ گڙدن کي

طاقت ڏيندو آهي. (ڪتاب المفردات ص 222)

## اَخروٽ (Walnut)

اَخروٽ بدهضمي کي ختم ڪندو آهي، اَخروٽ جو ڀُڳل مغز سرد ڪنگهہ جي لاءِ فائديمند آهي. اَخروٽ کي چٻاڙي ڏَڌَ تي لڳائڻ سان ڏَڌَ جا نشان ختم ٿي ويندا آهن. (ايضاً 68)

## ڪِشمِش (Raisin) مُنقّي (Currant)

حديثِ پاڪ ۾ آهي: مُنقّي ڪائو هي بهترين غذا آهي، اعصاب (يعني پُٺَن) کي مضبوط، ڪاوڙ کي ٺڏو، وات کي خوشبودار ۽ بلغم کي ختم ڪندو آهي. (الطب النّبوي لا بي نُعيم ص 719 حديث 809 ملخصاً) ٻي روايت ۾ هي بہ آهي تہ (منقّي) غم کي ختم ڪندو

آهي. (الطب النّبوي لا بي نُعيم ص 379 حديث 319 ملخصاً)

نڊيوانگور خشڪ تي ڪشمش ۽ وڏو انگور خشڪ ٿي منقّي ٿيندو آهي. منقّي ڪمزور جسم کي ٿلهو ڪندو ۽ ان جو ٻج معدي جي اصلاح ڪندو آهي. ڏاڙهون ڪڻ سان گڏ منقّي کائڻ هاضمي جي لاءِ فائديمند آهي. منقّي جو گودو ڦڦڙن جي لاءِ مفيد آهي. منقّي دوا بہ آهي ۽ خوراڪ بہ. هن کي چاهيو تہ ائين ئي يا ڪلَ لاهي مناسب مقدار ۾ کائي ڇڏيو. مشهور محدث حضرت امام زُهري عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡقَوِی فرمائن ٿا: جنهن کي احاديثِ مبارڪ حفظ ڪرڻ جو شوق هجي اهو (مناسب مقدار ۾) منقّي کائي. (الجامع لاخلاق الراوي ص 403)

مُنَقّي ٻج سميت بہ کائي سگهجن ٿا بلڪ

مُنَقٰي جو ٻج معدي جي اصلاح ڪري ٿو. مُنَقٰي ڪجهه ڪلاڪن تائين پاڻي ۾ پچائي رکي ڇڏيو پوءِ انهي جي ڪل لاهي گُودا ڪيو. مُنَقٰي جو گودو ڦڦڙن جي لاءِ اڪسير ۽ پراڻي کنگهه جي لاءِ فائديمند آهي. هي گڙدن ۽ مثاني جي سور کي ختم ڪندو، جگر ۽ ترِي کي طاقت ڏيندو، پيٽ کي نرم ڪندو، معدي کي مضبوط ڪندو ۽ هاضمو صحيح ڪندو آهي.

## ڳاڙها مُنَقٰي (Red Currant)

حضرت مولاءِ ڪائنات علي المرتضٰي شير خدا كَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰي وَجْهَهُ الْكَرِيْم ڪان روايت آهي: جيڪو روزانو ڳاڙها مُنَقٰي 21 عدد ڪائي ته اهو جسماني بيمارين کان محفوظ رهندو. (الطب النّبوي لا بي نُعيم ص 721 حديث 813)

# اِنجير (Fig)

حديث پاڪ ۾آهي: ”اِنجير کائو! ڇو ته هي بواسير کي ختم ڪندو ۽ نِقرِس (يعني هڪ سور جيڪو پيڏين ۽ پيرن جي آڱرين ۾ ٿيندو آهي) جي لاءِ مفيد آهي.“ (ايضاً ص 485، حديث 467 ملخصاً)

(1) اِنجير ۾ ٻين تمام ميون جي مقابلي ۾ بهترين غذائيت آهي.

(2) اِنجير بواسير ختم ڪندو ۽ جوڙن جي سور جي لاءِ فائديمند آهي.

(3) اِنجير نيراني کائڻ جا حيرت انگيز فائده آهن.

(4) جنهن کي پيٽ ۾ بوجهه ٿيندو هجي ته هر پيري ماني کائڻ کان پوءِ ٽي عدد اِنجير کائي.

(5) اِنجير ٿلهي پيٽ کي ننڍو ڪندو ۽ ٿولهه ختم ڪندو آهي.

(6) اِنجير ۾ ڪنگهه ۽ سهڪي جو علاج آهي.

(7) اِنجير چهري جو رنگ خوبصورت ڪندو آهي.

(8) اِنجير اڄ ختم ڪندو آهي. (گهريلو علاج ص 111)

## اکين جي لذيذ ڦڪي

سونف، مصري ۽ ايراني بادام هڪ جيترا ڪٽي سٺي طرح سنهڙا پيهي مڪس (Mix) ڪري وڏي منهن واري بوتل ۾ محفوظ ڪريو ۽ روزانو بلا ناغہ نيراني هڪ چانهه جو چمچو بغير پاڻي جي ڪائي ونو (هڪ چمچي ڪان ڪجهه وڌيڪ

ڪائڻ ۾ بہ ڪو حرج ناهي) گھڻي وقت تائين استعمال ڪرڻ سان اِنۡ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ اکين جي روشني کي فائدو ٿيندو. **تجربو:** هڪ مَدَني مُنّي کي اکين ۾ پاڻي ايندو هو، آخرڪار اکين جي ڊاڪٽر کان وقت ورتو ويو مون هي لذيذ ڦڪي پيش ڪئي، الحمدلله ڪجھ پيرا ڪائڻ سان ئي هن جي بيماري ختم ٿي وئي ۽ ڊاڪٽر وٽ وڃڻ جي نوبت ئي نہ آئي.

جن کي تڪليف نہ هجي تہ اهي بہ مستقل استعمال ڪري سگھن ٿا. (گھريلو علاج ص 33)

# فهرست


| عنوان | نمبر | عنوان | نمبر |
|---|---|---|---|
| درود شريف جي فضيلت | 1 | وات ۾ چالا ۽ ڳلي ۾ سوڄ | 27 |
| ٽنهين راتين ۾ هڪ ئي | 2 | ناقِص کٿين مٿين ڳورين | 27 |
| ”پُٽَ جي قرباني“ ڪرڻ | 3 | مٿي پيشاب جو مرض.... | 28 |
| شيطان کي پٿريون هنيائون | 7 | 17 قسمن جي بيمارين | 30 |
| پُٽ قُربانيءَ جي لاءِ تيار | 8 | مَدَني مُنّن کي چاڪارايون | 32 |
| مونکي رسين سان مضبوط | 9 | بادام | 33 |
| جنّت جو دنبو | 12 | پستا | 35 |
| جنّتي دنبي جي ڳوشت جو | 13 | ڪاجا | 36 |
| جنّتي دنبي جا سڱ | 14 | نيزا | 36 |
| ڪعبي شريف ۾ باهه ڪڍهن | 15 | مڱيرا | 37 |
| ڇا هر ڪوئي خواب ڏسي | 18 | مِصري | 37 |
| اسماعيل جي معنيٰ | 19 | ناريل ڪوپرو | 38 |
| ابراهيم جن جا 10 فَضائل | 20 | ڇوهارا | 39 |
| شينهن قدم چٽڻ لڳا | 22 | اَخروٽ | 39 |
| واري ءَ جي ٻورين مان | 23 | ڪِشمِش، مُنقٰي | 39 |
| حضرت اِبراهيم جن ڪان | 24 | ڳاڙها مُنَقٰي | 41 |
| ٿافيون ۽ ڪٿيون مٿيون | 25 | اِنجِير (Fig) | 43 |
| ڏندن جو ڪرڻ | 26 | اَڪين جي لذيذ ڦڪي | 43 |

# پُٽ هجي ته اهڙو

## ترجمو پيشڪش

**مجلسِ تراجم** (دعوت اسلامي) هن رسالي جو آسان سنڌي ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي پيشي نظر اچي ته **مجلس تراجم** (دعوت اسلامي) کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجندؤ.

## مآخذ و مراجع

| ڪتاب جو نالو | مطبوعه |
| --- | --- |
| قرآن شريف مع ڪنزالايمان | مكتبة المدينه باب المدينه ڪراچي |
| تفسير ڪبير | داراحياءِ التراث العربي بيروت |
| تفسير بغوي | دارالكتب العلميه بيروت |
| تفسير خازن | مصر |
| مسلم | دار ابن حزم |
| مستدرڪ | دارالمعرفة بيروت |
| عجائب القرآن | مكتبة المدينه باب المدينه ڪراچي |
| فيضان سنت | مكتبة المدينه باب المدينه ڪراچي |
| وسائل بخشش | مكتبة المدينه باب المدينه ڪراچي |

